# ڪنهن ڪنهن کي عيب ٻڌائي سگهون ٿا

سنڌي



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص۴٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: ڪنهن ڪنهن کي عيب ٻڌائي سگهون ٿا

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1443هه آڪٽوبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جي ڪتاب ”غيبت جون تباهه ڪاريون“ مان ورتل رسالو

# ڪنهن ڪنهن کي عيب ٻُڌائي سگهون ٿا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار ٻڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ
محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪنهن ڪنهن ڪي عيب ٻُڌائي سگهون ٿا

## دعاءِ عطار:

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”ڪنهن ڪنهن ڪي عيب ٻڌائي سگهون ٿا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن ڪي پنهنجي زبان جو درست استعمال ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## دُرُود شَرِيف جِي فضيلت

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن بغدادِ معليٰ جي جيّد عالم حضرت مجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ تشريف وٺي آيا. انهن فوري طور بيهي انهن کي سيني سان لاتو ۽ پيشاني چمي وڏي تعظيم سان پاڻ وٽ ويهاريو. حاضرين عرض ڪيو: ياسيّدي! اوهان ۽ اهلِ بغداد اَڄ تائين انهن کي ديوانو چوندا رهيا آهيو مگر اَڄُ انهن جي ايتري قدر تعظيم ڇو؟ جواب ڏنائون: مون بلا وجهه ائين ناهي ڪيو، الحمدللّٰه اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو ته حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي سندن کي سيني سان لاتو ۽ پيشاني چُمي پنهنجي پهلو ۾ ويهاريو. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!شبلي تي ايتري قدر شفقت جو سبب؟ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو ته هيءُ هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي:

لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ عَزِيۡزٌ عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ حَرِيۡصٌ عَلَيۡكُمۡ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۲۸﴾
(پ۱۱،التوبة:۱۲۸)

ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ توهان وٽ تشريف وٺي آيو توهان منجهان اهو رسول جنهن کي توهان جي تڪليف ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي توهان جي ڀلائي جو سختي سان چاهيندڙ مسلمانن تي شفقت فرمائيندڙ مهربان آهي.

۽ ان ڪان پوءِ مون تي درود پڙهندو آهي. (القول البديع، ص346)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سنتن ڀريي اجتماعن ۾ رحمتن جو نزول ٿيندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِن شَاءَاللّٰه الڪريم **سنّتن** ڀريي اجتماع ۾ گهريون ويندڙ دعائون ضرور پوريون ٿين ٿيون، ڇو ته اتي **الله** ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر ٿيندو آهي. حضرت **سيّدنا امام سُفيان بن عُيَيۡنه** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عِنۡدَ ذِكۡرِ الصّٰلِحِيۡنَ تَنَزَّلُ الرَّحۡمَةُ يعني نيڪ انسانن جي ذڪر وقت رَحمتِ الٰهي نازل ٿيندي آهي" (حِلية الاَوليِاء ج7 ص 335 رقم 10750) جڏهن نيڪ ٻانهن جي ذڪر ڪرڻ وقت رَحمتن جو نُزول ٿيندو آهي ته جتي **الله** ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر خير ٿيندو اُتي رحمتون نازل ڇونه ٿينديون ۽ جتي **ڇما ڇم رحمتون** وسي رهيون هجن اُتي دعائون قبول ڇونه ٿينديون، حضرت **سيّدنا** ابوهريره ۽ حضرت **سيّدنا** ابوسَعِيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا ته اسان ٻئي رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ حاضر هئاسين ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: "الله پاڪ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ جيڪا قوم ويهندي آهي ته فِرشتا انهن کي گهيري وٺندا آهن ۽ رحمت انهن تي

چانئجي ويندي آهي ۽ انهن تي قرار نازل ٿيندو آهي ۽ **الله پاڪ** پنهنجي فرشتن جي سامهون انهن جو ذڪر فرمائيندو آهي“. (صحيح مُسلم ص 1448 حديث 2700) **مراة جلد** 3، **صفحي** 305 تي آهي ته قَرار مان مراد يا ته خاص فرشتا، يا دل جو نور يا دل جو چين ۽ سڪون آهي .

## ذڪر جا ڪي چٽبو آهي

” **الله هُو ۽ حق هُو** “ جون ضربون لڳائڻ بيشڪ ذڪر آهي، پر ان سان گڏ قرآنِ پاڪ جي تلاوت، حمد ۽ ثنا، مُنَاجاتون ۽ **دعا، درود ۽ سلام**، نعت ۽ **مَنْقَبَت، خطبو**، درس، **سنّتن** پريو بيان وغيره به ”ذِڪرُالله“ ۾ شامل آهي. يقيني طور تي **دعوت اسلامي جا سنّتن** پريا اجتماع به ذڪر جا حلقا آهن .

سارے عالم کو ہے تیری ہی جُستجو　　جِنّ واِنس وملک کو تری آرزو
یاد میں تیری ہر ایک ہے سُو بَسُو　　بَن میں وَحشی لگاتے ہیں ضَرباتِ ھو

اللہ، اللہ، اللہ، اللہ،

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سچي قوم جي غيبت جو مسئلو

**عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي** مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مُشتمل ڪتاب ” **بهارِ شريعت** “ حصي 16 صفحي 173 تي آهي: **ڪنهن ڳوٺ يا شهر وارن جي گلا ڪئي** ”**مثال طور**: اِهو چيائين ته اُتان جا ماڻهو اهڙا آهن ته اها **غيبت** ۽ گلا ناهي ڇو ته اهڙي ڳالهه جو اهو مقصد نه هوندو آهي ته اتان جا سيئي ماڻهو

اهڙا آهن، پر **ڪجھ ماڻهو** مراد هوندا آهن ۽ جن ڪجھ ماڻهن کي چيو ويو آهي، اهي خاص (يعني معلوم Particular) ناهن. ۽ **غيبت** ان صورت ۾ ٿيندي جڏهن اهي مُعيّن ۽ معلوم هجن **(يعني جن کي سڃاڻي سگهجي ٿو اهڙن)** شخصن جي برائي بيان ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ان جو مقصد اتان جي سيني ماڻهن جي برائي بيان ڪرڻ آهي ته پوءِ اها **غيبت** آهي. (دُرمُختار ج9 ص674)

## منڊي جي نقالي

**ڪنهن مَنڊي** جي نقل **ڪندي** منڊڪائي هلڻ، ۽ ڪنهن خاص مسلمان جي ڪنهن به نقص يا **خامي** جي نَقل ڪرڻ **غيبت** آهي بلڪ اها زبان سان **غيبت** ڪرڻ کان به وڌيڪ خراب آهي. ڇوته نقل ڪرڻ ۾ سچي تصوير ٺاهي ويندي ۽ ڳالھ کي سمجهائڻ پڻ هوندو آهي جڏهن ته ڇوڻ ۾ اها ڳالھ نه هوندي آهي.

## نالي وٺڻ کان سواءِ غيبت ڪرڻ

نالي وٺڻ جي بغير **غيبت** ڪرڻ گناھ ناهي، ها جيڪڏهن نالو ته نه ورتو، پر جنهن جي سامهون چئي رهيو آهي، اهو سمجهي رهيو آهي ته ڪنهن جي باري ۾ ڳالھ ٿي رهي آهي ته پوءِ **غيبت** آهي.

## منهن تي به چئي سگهان ٿو

**غيبت** ڪرڻ واري جو اهو سمجهڻ يا چوڻ ته مان ان جي منهن تي به چئي سگهان ٿو، ان کي **غيبت** جي گناھ کان نه ٿو بچائي سگهي،

چوته **غيبت** جي حرام ٿيڻ جو اصل سبب ايذاءِ مُسلِم (**يعني مسلمان کي ايذاء پهچائڻ** ) آهي ۽ منهن تي چوڻ سان ان جي دل کي اجا به وڌيڪ صدمو رسندو ۽ اهو ته اجا به وڏو گناهه ٿيو. جنهن جي برائي ڪئي وئي هو کِلڻ لڳو ته ان جو مطلب اهو هرگز به ناهي ته هو پنهنجي بُرائي ٻڌي خوش ٿيندو هوندو ڇو جو فطرتي طور تي ماڻهو پنهنجي تعريف ٻڌي ئي خوش ٿيندو آهي، جڏهن ته پنهنجي مُذمت ٻڌي ڪوبه خوش ناهي ٿيندو. ان ڪري ڪو پنهنجي برائي ٻڌي به کِليو ته اها "متاڃري کِل" هوندي آهي، جو ماڻهو مُروَت طور پنهنجي شرم مٽائڻ لاءِ اهڙي موقعي تي ٻين جي سامهون هرو ڀرو کِلندو آهي، جيتوڻيڪ اندروني طور تي ان جي دل پئي ڏکندي.

## ٻند لفظن ۾ غيبت

**تَعرِيض يعني ٻند لفظن** ۾ به **غيبت** تي سگهي تي **مثال طور**: ڪنهن جي برائي جو ذڪر ٿيو ته چيائين ته اَلحَمدُلله مان "**اهڙو**" ناهيان، اها **غيبت** آهي، چوته اهو به برائي ڪرڻ جو ئي هڪ انداز آهي ۽ ان جو صاف مطلب اهو ٿيو ته اهو "**ائين**" آهي.

## ڪجهه چوندس ته گلا ٿي پوندي

ڪنهن مسلمان بابت ڳالهه نڪتي ته چيو ويو: "ڇڏيو يار! مان انکي سڃاڻان ٿو، جيڪڏهن ڪجهه چوندس ته **غيبت** ٿي پوندي". ائين چوڻ وارو **غيبت** ڪري چڪو چوته ان انداز ۾ ان جي گلا ڪري ڇڏيائين! اهڙي قسم جي **غيبت** تي مشتمل وڌيڪ 14 جملا: ❁ بس ادا الله

معاف ڪري ان جي باري ۾ اوهانکي چا ٻڌايان ❁ بس ادا چا چوان! ان جي لاءِ تہ دعا ئي ڪري سگهجي ٿي❁ يار! ان کي سمجهائڻ پنهنجي وَسَ جي ڳالهہ ناهي، جڏهن ان جي سُئي ڦاسندي آهي تہ پوءِ ڪنهن جي بہ ناهي ٻڌندو ❁ اڄڪلهہ ان جو دماغ ڦريل آهي ❁ ادا! مان تہ ان کان بيزار آهيان، منهنجي ٻڌي ڪٿي ٿو ❁ جڏهن کو مطلب هوندو آهي تہ ”جيءِ جيءِ“ ڪندو آهي، ان کان پوءِ لِفٽ بہ ناهي ڪرائيندو ❁ اڇا اڇا دروازي تي فلاڻو بيٺو آهي ان جو کو مطلب(ڪم) پيو هوندو ❁ ان کان جان ڇڏائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي، پر اهو تہ بلڪل ”چنبڙي“ پيو هو ❁ مان تہ ان کي ٽارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، ڇُريو ئي ڪونہ ❁ يار! هو ڪٿي ڪنهن کي گاهہ ٿو وجهي ❁ اُف! اهو نياڳو ڪٿان اچي ويو! ❁ اهو تہ بيوقوف دوست نڪتو ❁ ان جو ڪم ئي ناهي اهو تہ ”سادو ماڻهو“ آهي (عام طور تي ”سادو ماڻهو“ چئي بيوقوف يا نادان يا گهٽ عقل وارو مطلب وٺندا آهن) ❁ ڪيترو تہ منو ٻٽيو وتي ٿو!

## عيب لڪائڻ جي لاءِ ڪوڙ جائز هئڻ جي هڪ صورت

**غيبت** ۾ هڪ وڏي آفت اها بہ آهي تہ جڏهن ”**هڪ ماڻهو**“ جي غيبت ٻئي جي سامهون ڪئي ويندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهو ”**ماڻهو**“ ٻين جي نظرن ۾ ڪِري پوندو آهي ۽ شريعت کي اهو بلڪل پسند نہ آهي تہ هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جي نظرن ۾ ڪِري پئي ۽ ذليل ۽ خُوار ٿئي ايتري تائين جو مسلمان جي **عزت بچائڻ** جي نيّت سان ڪن

صورتن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جي بہ اجازت آهي، ڇوتہ مسلمان جي جان، مال ۽ **عزت ۽ آبرو** جي حفاظت جي شريعت ۾ تمام گهڻي اهميت آهي. ان جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. جيئن عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارِشريعت**“ حصي 16 جي صفحي نمبر 161 تي آهي: ”**ڪنهن لِڪي بي حيائي** جو ڪم ڪيو آهي، ان ڪان پڇيو ويو تہ ڇا تو اهو ڪم ڪيو؟ تہ اهو انڪار ڪري سگهي ٿو ڇو تہ اهڙي ڪم ڪي ماڻهن جي سامهون ظاهر ڪرڻ، اهو ٻيو گناهہ ٿيندو، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پنهنجي **مسلمان ڀاءُ** جي راز جي خبر پئجي وئي تہ ان جي بيان ڪرڻ ڪان بہ انڪار ڪري سگهي ٿو.“ (ردُّ المحتار ج9 ص705)

شرفِ حج کا دیدے چلے قافلہ پھر | مرا کاش! سوئے حرم یاالٰہی
دکھادے مدینے کی گلیاں دکھادے | دکھادے نبی کا حرم یاالٰہی

(وسائل بخشش،ص109)

## پاڻ کي ذلت لاءِ پيش ڪرڻ جائز ناهي

**مسلمان** جي **عزت** جي تمام گهڻي اهميت آهي. خود پنهنجي هٿان پنهنجي عزت خراب ڪرڻ جي بہ شريعت اجازت نہ ٿي ڏئي. ان ڪري اهڙن ملڪي قانونن تي بہ عمل ڪرڻ شرعي طور تي ضروري آهي جيڪي قرآن ۽ سنت سان ٽڪرائيندا نہ هجن ۽ انهن تي عمل نہ ڪرڻ ۾ ذلت ۽ گناهہ جو خطرو هجي، **مثال طور**: ڊرائيونگ لائيسنس ڪان سواءِ اسڪوٽر، ڪار وغيره هلائڻ جي اجازت ناهي، ڇو تہ هلائي

وٺي ۽ پڪڙيو ويو تہ بي عزتيءَ سان گڏوگڏ **ڪوڙ، رشوت،** ۽ **واعدي خلافي** وغيره گناهن ۾ پوڻ جو پڪو امڪان آهي، ان ڪري ڪيترن ئي گناهن ۽ جهنم ۾ وڃڻ کان بچڻ جي لاءِ **ڊرائيونگ لائيسنس** ٺهرايو وڃي، ۽ گاڏي هلائڻ وقت لازمي پاڻ وٽ رکيو وڃي. **منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنّت،** مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحمَةُ اللهِ عَلَيّه فتاويٰ رضويہ جلد 21 جي صفحي183 تي فرمائن ٿا: رڳو بنا شرعي سبب جي بلڪ شرعي سبب جي خلاف هڪ گناهہ تي اِصرار ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي نفس کي سزا ۽ ذِلت تي پيش ڪيو تہ اهو بہ حديث جي حُڪم مُطابق حَرام آهي. **جلد** 29 **جي صفحي** 93، 94 تي فرمائن ٿا: حديث ۾ آهي: جيڪو شخص بنا ڪنهن مجبوري جي پنهنجو پاڻ کي خوشي سان ذِلت تي پيش ڪري تہ اهو اسان مان ناهي. (اَلمُعجَمُ الأوسَط لِلطبراني ج1 ص 147 حديث 471) بهرحال پنهنجي عزت جي حفاظت ضروري آهي.

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
ہو مجھ ناتُواں پر کرم یاالٰہی
سدا کیلئے ہو جا راضی خدایا
ہمیشہ ہو لطف و کرم یاالٰہی
(وسائل بخشش، ص109)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا إِلَى الله! أَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعا جي لاءِ درخواست ڏيڻ جو طريقو

**ڪي ماڻهو جڏهن** ڪنهن کي دعا جي لاءِ خط يا چنيون موڪليندا آهن ۽ انهن ۾ **معاذالله!** پنهنجن گندين حرڪتن جو به اِنڪِشاف ڪندا آهن ايتري تائين جو پنهنجن مائرن، ڀينرن جي لاءِ به بي حيائي جون ڳالهيون بـڪڻ کان ناهن مُڙندا! **مثال طور** : پنهنجي ماءُ، يا ڀيڻ، **يا ڌيءُ يا ننهن، يا زال** جا غير ماڻهوءَ سان ناجائز تعلُّق آهن، حد ته اها آهي جو **اسلامي ڀينرون** به اِحتِياط ناهن ڪنديون. انهن کي هن ڳالهه جو بِلڪُل اِحسَاس ئي نه هوندو آهي ته اسان جي لکت خبر ناهي ته ڪير ڪير پڙهندو هوندو ۽ ان پڙهڻ واري کي ڪهڙا ڪهڙا وَسوَسا ايندا هوندا! ڪا لکندي آهي: **مڙس يا پيءُ** ڪمائي نٿو، رڳو سڄو ڏينهن گهر ۾ پيو هوندو آهي ۽ گهر ۾ جهيڳڙو ڪندو رهندو آهي. سَسُ يا نُنهن ظلم تي ڪري، منهنجو پياءُ جواري آهي، منهنجي ڀيڻ ڪنهن سان ڀڄي وئي آهي. منهنجو پياءُ ڪنهن ڇوڪريءَ جي چڪر ۾ آهي، منهنجو پٽ شراب ٿو پئي. منهنجي ڌيءُ فيشن ڪري بي پرده گهمي ٿي وغيره وغيره، دعا جي چوڻ جي لاءِ اهو تفصيل بيان ڪرڻ بدران مُبهَم (**يعني لڪيل**) لفظن ۾ ڳالهه ڪئي وڃي ته مناسب رهندو.
**مثال طور**: پٽ يا پياءُ يا مڙس شراب يا جوا جي برائيءَ ۾ ڦاٿل آهي ته ان برائي جي ۽ برائي ڪرڻ واري جي نشاندهي ڪرڻ بدران هنن لفظن ۾ دعا ڪرائي سگهجي ٿي. "منهنجو هڪ ويجهو عزيز بُرين عادتن ۾ گرفتار آهي ان جي اصلاح جي لاءِ دعا ڪندا." ائين ئي ڀيڻ يا ڌيءُ ڀڄي وئي آهي يا ڪنهن ڇوڪري جي چڪر ۾ پئجي وئي

آهي تہ هنن لفظن ۾ دعا جي درخواست ڪري سگهجي ٿي. ”**منهنجي هڪ مائٽياڻي**“ ڪنهن اهڙيءَ برائيءَ ۾ ڦاٿي آهي جيڪا بيان نہ ٿي ڪري سگهجي، ان جي لاءِ دعا ڪندا! انهن لفظن سان دعا ڪرائڻ ۾ فائدو اهو آهي تہ ڇو جو اهو ماڻهو فردِ مُعيَّن (**يعني خاص ماڻهو**) نہ ٿيو، ان ڪري **غيبت** جو اِمڪان بلڪل ئي ختم ٿي ويو، ٻي ڳالهہ اها تہ خاص برائي ۽ حياء جي خلاف **لفظ** بيان ڪرڻ کان بہ بچاءُ ٿيندو. ها جيڪڏهن ڪنهن دعا ڪرائڻ جي نيّت سان پنهنجي يا ڪنهن خاص فرد جي خامي يا عيب ڪنهن جي سامهون بيان ڪري ڇڏيو تہ اها گناهہ ڀري **غيبت** ناهي، گناهہ ڀري **غيبت** ان صورت ۾ ٿيندي جڏهن ڪنهن خاص ۽ مُعَيّن فرد جي خامي رڳو ان جي برائي ڪرڻ جي نيّت سان بيان ڪئي وڃي.

## طبيب کي عيب ٻڌائڻ جو طريقو

**طبيب يا عامل** کي علاج جي نيّت سان عيب ٻڌائڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي، پر جيڪڏهن ڪنهن فردِ مُعَيّن جو ذڪر ڪرڻ کانسواءِ ڪم هلي سگهي ٿو تہ هلايو، **مثال طور:** ”**منهنجو پٽ شراب پيئندو آهي**“ چوڻ جي بدران ايئن چئي ڇڏيو ”**منهنجو هڪ عزيز شراب پيئندو آهي**“ جيڪڏهن نالو وغيره ٻڌائڻ ضروري هجي يا پنهنجون خاميون بيان ڪرڻ کانسواءِ ڪو چارو نہ هجي تہ اهو احتياط ضروري آهي تہ ان طبيب يا عامل کي ئي ٻڌايون وڃن ۽ بغير ضرورت جي ڪو بہ ٻيو ماڻهو اهي ڳالهيون نہ ٻڌي ۽ نہ ئي ٻئي کي خبر پوي. وڌا

ڊاڪٽر عام طور تي پنهنجي ڪمري ۾ الڳ سڏائي مريض کان احوال ٻڌندا آهن، پر خبر ناهي ته ڇو انهن مان ڪيترائي ان موقعي تي تَعاوّن جي لاءِ بي پرده عورت کڏ رکڻ جو گناهه ڪندا آهن. ڪيترائي ڀيرا مونکي اهڙو اِتِفاق ٿيو آهي ته راز واري گفتگو نه هئڻ باوجود به نگاهن جي حفاظت خاطر درخواست ڪري عورت کي ڪمري کان ٻاهر موڪلي ڇڏيندو آهيان. هر هڪ کي شريعت جي حڪم تي عمل ڪرڻ گهرجي.

## رُوحاني علاج جي بَستي تي رازداري جو طريقو

**سُوال**: دعوتِ اسلامي جي "مَجلس" جي طرفان ملڪ ۽ ٻاهرئين ملڪ رُوحاني علاج جا بيشمار بستا لڳندا آهن، ڏڪايل ماڻهو قطار لڳائي، پنهنجا مسئلا ٻڌائي فِي سَبِيل الله علاج حاصل ڪندا آهن، انهن ۾ يقيني طور تي راز جون ڳالهيون به هونديون، هر هڪ کي الڳ وقت ڏيڻ اسان جي وَسَ جي ڳالهه ناهي ڪو حل ٻڌائيندا.

**جَواب**: روحاني علاج ذريعي **شهنشاهِ مدينه** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏُڪايل اُمت جي خدمت بيشڪ تمام وڏي سَعادت آهي، پر ان مدني ڪم ۾ هر هڪ عمل کي گناهن کان پاڪ صاف رکڻ به ضروري آهي، ائين ڪڏهن به ٿيڻ نه کپي ته هڪ مُستَحب ڪم جي لاءِ گناهن سان ڀريل حرام ۽ **جهنّم** ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم ٿيندا رهن، ماڻهن تائين آواز نه پهچي ان جي لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ضروري آهي، **مثال طور**: بستي جي سامهون ايتري فاصلي تي ڪا رڪاوٽ رکي وڃي جنهن سان آواز ٻين تائين نه پهچي سگهي، جنهن جو وارو هجي ان

ڪي ويجهو سڏيو وڃي. پريشانيون ٻڌڻ جي لاءِ صرف هڪ ماڻهو موجود هجي. جيڪو خوفِ خدا رکندڙ هجي ۽ **مسلمانن جي رازن** جو امانتدار هجي. بنا اجازتِ شرعي ان جو ڪو معاون بلڪل ويجهو نہ رهي ۽ هيٺ ڏنل مضمون جو بينر يا بورڊ نهرائي جيترو تي سگهي بستي جي بلڪل مٿان اهڙي هنڌ لڳايو وڃي جو قطار ۾ موجود هر فرد آسانيءَ سان پڙهي سگهي ۽ وقت بوقت ان مضمون جو اعلان بہ ٿيندو رهي، مضمون هي آهي .

## ڪَنن ۾ پگهريل شيهو وِڌو ويندو

**ماڻهن ڪي علاج** جي غرض سان مجبوري جي سبب پنهنجا راز بہ ٻڌائيندا پون ٿا، ان ڪري بستي تي ٿيڻ واري گفتگو ڪي ٻڌڻ ڪان بيا ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بچائن، **سرڪارِمدينہ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عِبرت نشان آهي: جيڪو شخص ڪنهن قوم جون ڳالهيون ڪَن لڳائي ٻڌي جڏهن تہ اُهي هن ڳالھ کي ناپسند ڪندا هجن يا هن ڳالھ کي لڪائڻ چاهيندا هجن تہ قِيامت جي ڏينهن ان جي ڪَنن ۾ پگهريل شيهو وِڌو ويندو. (صَحيح بُخاري ج4 ص 423 حديث 7042)

**حڪيمُ الاُمّت** حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جيڪو بين جي راز جي ڳالھ لڪي ٻُڌي تہ ان جي ڪن ۾ قيامت جي ڏينهن شيهو گرم ڪري وِڌو ويندو. حديثِ پاڪ بلڪل ظاهر آهي، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي تاويل جي ضرورت ناهي. واقعي انکي قيامت جي ڏينهن اهو عذاب ٿيندو چاڪاڻ تہ اهو بہ راز ۾ نياز جو چور آهي. (مراۃ المناجيح ج6 ص 203) (حديثِ پاڪ جي شرح بورڊ بينر تي نہ لکرائيو چاڪاڻ جو مضمون ڏگهو ٿي ويندو، ها

هيندڙ بل وغيره ۾ شامل ڪرڻ ۾ ڪو به حرج ناهي.)

## ڊاڪٽرن ۽ عاملن وغيره جي لاءِ

**سُوال:** بين جي موجودگيءَ ۾ ڊاڪٽرن، حڪيمن، عاملن، سماجي ڪارڪنن ۽ سياسي رهنمائن کي به ضرورت تحت پنهنجا راز ٻڌائڻا پوندا آهن. ان سلسلي ۾ ڪجهه مدني گل عطا فرمايو.

**جواب:** هر مسلمان کي کپي ته پاڻ به گناهن ۽ ان جي سببن کان بچي ۽ پنهنجي وَس آهر بين کي به بچائي. ان ڪري انهن کي به اهڙي **حڪمتِ عملي اختيار** ڪرڻي پوندي جو هڪڙي جو عيب ٻيو نه ٻڌي سگهي، اهي حضرات به جيڪڏهن مناسب سمجهن ته پاڻ وٽ متي ذڪر ڪيل بينر لڳرائين ۽ ان ۾ لفظ "**بستي**" جي جاءِ تي پنهنجي ضرورت آهر لفظ مثال طور: "**پير صاحب کان**" "**بابا جي کان**" "**ڊاڪٽر صاحب کان**" "**حڪيم صاحب کان**" وغيره وغيره جي ترڪيب فرمائي ڇڏين.

غیبتوں سے بچوں، چغلیوں سے بچوں ہو نگاہِ کرم، تاجدارِ حرم

بد کلامی نہ ہو، یا وہ گوئی نہ ہو بولوں میں کم سے کم، تاجدارِ حرم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## غيبت جون 12 جائز صورتون

﴿1﴾ بدمذهب جي بدعقيدگيءَ جو بيان (2) جنهن جي برائي کان نُقصان پهچڻ جو خطرو هجي ته بين کي ان کان بچائڻ جي لاءِ

ضرورت مطابق صرف انهيءَ برائيءَ جو ذڪر **مثال طور**: جيڪو واپاري دوکي سان ملاوٽ وارو مال وڪڻندو هجي، ان کان مسلمانن کي بچائڻ جي لاءِ ان جي هن خراب مال جي نشاندهي ڪرڻ، **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: ڇا فَاجِر(فاسق) جي ذڪر (حال) بيان ڪرڻ کان بچو ٿا؟ ان کي ماڻهو ڪڏهن سڃاڻيندا! فَاجر جو حال ان شيءِ سان(**يعني ان برائي سان**) بيان ڪريو جيڪا ان ۾ آهي ته جيئن ماڻهو ان کان بچي سگهن. (**اَلسُنَن الڪُبري ج10 ص 354 حديث 20914**) ﴿3﴾ مثال طور: ڪاروباري، پائيواري يا شادي وغيره جي لاءِ مشورو گهرڻ تي، جنهن جي باري ۾ مشورو گهريو ويو آهي، ان جي جيڪڏهن اهڙن **عيبن** جي خبر هجي، جنهن سان نُقصان پهچي سگهي ٿو ته ضرورت آهر صرف اهي **عيب ٻڌائڻ** ﴿4﴾ **قاضي** (**يا پوليس**) کان اِنصاف حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرياد ڪندي وقت ته فلاڻي چوري ڪئي آهي يا ظلم ڪيو آهي ﴿5﴾ جيڪو اِصلاح ڪري سگهي ٿو ان سان صرف اِصلاح جي نيّت سان شڪايت ڪري سگهجي ٿي، **مثال طور**: **مُريد جي پير سان**، پٽ جي پيءُ سان، زال جي مڙس سان، رَعِيت جي بادشاهه سان، شاگرد جي استاد سان شڪايت ڪري سگهجي ٿي. ﴿6﴾ فتويٰ وٺڻ جي لاءِ نالو کڻي برائي بيان ڪري سگهي ٿو پر بهتر اهو آهي ته مُفتيءَ کان به اشاري سان يعني زيد بڪر چئي ڪري پڇي.

(**بهار شريعت حصه 16 ص177، 178 مُلخصا**)

## سڃاڻپ جي لاءِ ضرورت مطابق گونگو ٻوڙو وغيره چوڻ

(7) **ڪنهن جا جسماني عيب مثال طور**: اَنڌو، ٿلهو، گونگو ٻوڙو

وغيره صرف سُڃاڻپ جي لاءِ چوڻ، جڏهن تہ اهو ان عَلامت سان مشهور هجي. جيڪڏهن **بغير عيب** ظاهر ڪرڻ جي بہ سڃاڻپ ٿي سگھي ٿي تہ بهتر اهو آهي تہ نالي سان گڏ **عيب** جو ذڪر نہ ڪري.

**مثال طور** : زيد ٿلهو آهي، پر نالو ولديت سان گڏ ٻڌائڻ يا ڪنهن ٻي نشانيءَ سان ترڪيب ٿي سگھي ٿي تہ پوءِ ٿلهو چوڻ کان بچي، جيئن تہ "**رِياضُ الصَّالِحِين**" ۾ آهي تہ **مثال طور**: ڪو شخص **منڊي، ٻوڙي، انڌي، ٽيڏي** جي لقب سان مشهور آهي تہ ان جي مَعرِفَت ۽ سُڃَاڻَپ جي لاءِ انهن وصفن ۽ نِشانِين سان سڏڻ جائز آهي پر بي عزتي جو ارادو ڪندي انهن نشانين سان سڏڻ جائز ناهي. جيڪڏهن خامي واري لقب کان سواءِ سڃاڻپ ٿي سگھي ٿي تہ بهتر اهو آهي تہ اهو لقب بيان نہ ڪري (رِياضُ الصّالِحين للنّووي ص 404) عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جو 312 صفحن تي مُشتمِل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصي 16 صفحي 178 تي آهي تہ سُڃاڻپ جي لاءِ ڪنهن کي انڌو يا ڪاڻو يا بِندرو يا ڊِگھو چيو ويندو آهي، اهو **غيبت** ۾ داخل ناهي .

## جيڪو ظاهر ظهور برائي ڪندو هجي ان جي غيبت

**سرعام ماڻهن** کان مال ڦُرڻ، **عَلِي الاعلان** شراب پيئڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٺ کان گھٽ ڪرڻ وغيره وغيره، اِعلانيہ گناه ڪرڻ وارا جن کي انهن گناهن جي معاملي ۾ ماڻهن کان شرم ۽ حياء نہ رهيو هجي تہ انهن جي صرف انهن ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ. ﴿9﴾ **ظالم حاڪم** جي انهن **ظلمن** جو بيان ڪرڻ بہ جائز آهي جيڪي هو سيني جي

سامهون ڪندو هجي، ها ظالم يا جيڪڏهن برو عمل لڪي ڪري ٿو ته ان جو بيان به **غيبت** آهي. عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مُشتَمل ڪتاب "**بهار شريعت**" **حصي** 16، صفحي 177 تي آهي ته جيڪو شخص عَلَي الاِعلاَن بُرو ڪم ڪري ٿو ۽ ان کي ان جي ڪابه پرواهه ناهي ته ماڻهو ان کي ڇا چوندا، ان جي ان خراب حرڪت جو بيان ڪرڻ **غيبت** ناهي، پر ان جون ٻيون ڳالهيون جيڪي ظاهر ناهن انهن جو ذڪر ڪرڻ **غيبت** ۾ داخل آهي. حديث ۾ آهي ته جنهن حَياء جو حِجَاب پنهنجي چهري تان هٽائي ڇڏيو ته ان جي **غيبت** ناهي. (بهار شريعت 3/ 534، حصو 16) **اي عاشقانِ رسول!** حضرت علامه سيّد مُرتضٰي زَبِيدي رَحمَةُ اللهِ عَلَيہِ فرمائن ٿا ته ياد رهي! ان سان (**يعني علي الاعلان ڏوهه ڪرڻ واري جي ان ڏوهه جو ذڪر ڪرڻ سان**) صرف ماڻهن جي خير خواهي جو مقصد هجي، ها جنهن شخص پنهنجي ڪاوڙ ڪڍڻ جي لاءِ يا پنهنجي نفس جو بدلو وٺڻ جي لاءِ فاسقِ مُعلن جي غلط حرڪتن جو بيان ڪيو ته اهو گنهگار آهي. (اتحاف السادة للزبيده ج9، ص332)

## (10) افسوس طور ڪنهن جي برائي بيان ڪرڻ

ڪنهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي برائي افسوس ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪئي ته مونکي نهايت افسوس آهي ته هُو اهڙا ڪم ڪري ٿو ته اها **غيبت** ناهي، ڇو ته جنهن جي برائي ڪئي وئي جيڪڏهن ان کي خبر به پئجي وئي ته ان صورت ۾ ان کي بُرو نه لڳندو، ڇو ته برو ان صورت ۾ لڳندس جڏهن ان کي خبر هجي ته ان جي چوڻ واري جو

مقصد صرف برائي ڪرڻ آهي، پر اهو ضرور آهي ته ان شيءِ جو اظهار ان حسرت ۽ افسوس جي ڪري ئي ڪيو هجي، نه ته اها **غيبت** آهي ۽ هڪ قسم جي مُنافقت، ڏيکاءُ ۽ پنهنجي تعريف ڪرائڻ به آهي، ڇو ته ان مسلمان ڀاءُ جي برائيءَ جو بيان ڪيو ۽ ظاهر اهو ڪيو ته اها برائي ناهي، اها منافقت آهي ۽ ماڻهن تي ظاهر ڪيائين ته اهو ڪم مان پنهنجي لاءِ ۽ ٻين جي لاءِ برو سمجهان ٿو ته اهو ڏيکاءُ آهي ۽ ان لاءِ ته **غيبت** کي غيبت جي طور تي نه ڪيو، لهٰذا پاڻ کي نيڪن مان ظاهر ڪيائين ته اها نفس جي صفائي ۽ پنهنجي تعريف ٿي. (بهار شريعت حصه 16 ص 176 ، دُرّ مُختار ، ردُّ المُحتار ج9 ص673) هن حصي جو اهو **مدني گل** غور ڪرڻ جي قابل آهي ته بيان ڪرڻ ۾ افسوس جي اظهار جو انداز اهڙو هجي جو جنهن جي **غيبت** ڪئي وئي هجي ته جيڪڏهن انکي خبر پئجي به وڃي ته هو هي سمجهي ته اُهو **ويچارو منهنجي غلطي** جي ڪري غمزده ٿيو آهي، ان ڪري ان رڳو افسوس جي طور تي اها ڳالهه ڪئي آهي ۽ منهنجي برائي ڪرڻ ان جو مقصد ناهي. گهڻو سوچي سمجهي زبان کولڻ جي ضرورت آهي. صرف زبردستيءَ افسوس جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ ڪافي ناهي، افسوس! **غيبت** جو عذاب نه سهي سگهبو!

## اِفسوس طور غيبت ڪرڻ کان بچڻ ۾ ئي عافيت آهي

حقيقت **اهائي** آهي ته **غيبت** جائز هئڻ واري افسوس واري صورت ۾ **غيبت** جي گناهه ۾ پوڻ جو خطرو تمام گهڻو وڌيڪ آهي، ڇو جو

عام ماڻهوءَ جي لاءِ "**حقيقي افسوس**" ۽ "**اصلِ غيبت**"۾ فرق ڪرڻ بيحد مشڪل آهي جيئن تہ حضرت **سيّدنا** اسماعيل حَقِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪي مُتَڪَلِّمِين (**علمِ ڪلام جا ماهر عالم**) فرمائن ٿا تہ ڪنهن اهڙي شيءِ جو ذڪر ڪرڻ جنهن سان سامهون واري جي تخفِيف (**يعني تَحقِير يا تَذلِيل**) ٿيندي هجي تہ اها ان وقت **غيبت** ٿيندي، جڏهن تہ ان سان (**ان جي عزت کي**) نقصان پهچائڻ ۽ برائي بيان ڪرڻ جو ارادو ڪري ۽ (**ها**) هو ان جي انهيءَ (**عيب**) کي افسوس طور ذڪر ڪري تہ **غيبت** نہ چئبي. اهو لکڻ ڪانپوءِ حضرت **سيّدنا** اسماعيل حَقّي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمائن ٿا تہ (**ان سلسلي**) ۾ امام سَمَرقَندِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي "**تَفسِير**" ۾ فرمائن ٿا: مان چوان ٿو تہ جيڪو انهن عالِم سڳورن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم بيان فرمايو آهي، ان ۾ هڪ عظيم خطرو آهي، چو تہ ان ۾ (يعني: مان تہ افسوس جي طور تي غيبت ڪري رهيو آهيان) ان ڳالهہ جو گمان موجود آهي تہ ماڻهن جو ائين ڪرڻ (**يعني پنهنجي خيال ۾ افسوس جي لاءِ غيبت تو ڪريان سمجهڻ بي احتياطيءَ جي صورت ۾**) ان کي انهيءَ ڳالهہ ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو جيڪا صرف (گناهہ ڀري) **غيبت** آهي، ان کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ (يعني اَفسوس جي لاءِ ڪنهن جي **غيبت** نہ ڪرڻ) تقويٰ جي بلڪل ويجهو ۽ وڌيڪ احتياط واري ڳالهہ آهي. **(تفسير روح البيان ج9 ص89)** ﴿11﴾ حديث جي رَاوِين، ڪيس جي شاهدن ۽ مُصَنِّفن تي جَرح (يعني انهن جا عيب ظاهر) ڪرڻ. **(رَدُّ المُحتار ج9 ص675)**

﴿12﴾ مُرتد ۽ ڪافر حربي جي برائي بيان ڪرڻ (**اڄڪلهہ دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن**). اهي بيان ڪيل سڀ صورتون ظاهر ۾ **غيبتون** آهن

پر حقيقت ۾ گناهن پريون غيبتون ناهن ۽ انهن جا عيب بيان ڪرڻ جائز آهي ۽ ڪن صورتن ۾ واجب به آهي.

صُبح ہوتی ہے شام ہوتی ہے عُمر یوں ہی تمام ہوتی ہے
خوب انساں کو کرتی ہے رُسوا جب زباں بے لگام ہوتی ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

## ڪافر يا مُرتد جي غيبت جا احڪام

اي عاشقانِ اولياء ”ذمي ڪافر“ جي غيبت ڪرڻ ناجائز ۽ ”حَربي ڪافر“ ۽ مُرتَد جي جائز آهي، اڄڪلهه دنيا جا سڀ يهودي، ڪِرسچَن ۽ هر ڪافر ”حَربي“ آهن، پر اڳوڻي دؤر ۾ جڏهن ته مسلمانن جو غلبو هو ان وقت ”ذِمّي ڪافر“به هوندا هئا، انهن کي تڪليف ڏيڻ ۽ انهن جي غيبت ڪرڻ ناجائز هو، جيئن ته شاهِ اَبرار، اسان غريبن جي غمخوار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نصيحت نشان آهي ته ”جنهن ڪنهن يهودي يا عيسائي کي تڪليف واري ڳالهه چئي ته ان جو ٺڪاڻو جهنّم آهي“. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبّان حديث 4860، 193/7) ذِمي ڪافر ان خاص ڪافر کي چئبو آهي جيڪو اسلامي حڪومت کي پنهنجي حفاظت جي لاءِ جِزيو (TEX) ڏئي . جيئن ”تفسيرِ نُعيمي“ ۾ آهي ته جِزيو يعني اهو شَرعِي ٽيڪس جيڪو حڪومت اهلِ ڪتاب (يهودين ۽ عيسائين) کان ان جي جان ۽ مال جي حِفاظت جي بدلي وصول ڪري.

(تفسير نعيمي ج10 ص 256 مُلخصا)

دے غیبت سے تہمت سے نفرت خدایا     کہ بے شک ہے ان میں ہلاکت خدایا

مری ذات سے دل دُکھے نہ کسی کا     ملے مجھ سے سب کو مسرت خدایا

(”غيبت جون تباھ ڪاريون“ جي قسط بنام”ڪنهن ڪنهن کي عيب ٻُڌائي سگهون ٿا“ هتي ختم ٿي.)

## امیرِ اہلسنت دامت برکاتهم العاليه جا 120 رسالا

(1)حسيني گهوٽ (2) مان سُڌرڻ چاهيان ٿو.(3) انمول هيرا (4) بري خاتمي جا سبب (5) غصي جو علاج(6) باحياء نوجوان.(7) ظلم جو انجام (8) پوڙهو پڄاري(9) چار سنسني خير خواب(10)ٽي وي جون تباھ ڪاريون(11) ڳانن جا 35 ڪفريا شعر(12) خودڪشي جو علاج(13) سياھ فام غلام(14) ڪراماتِ فاروقِ اعظم(15) مٺا بول(16) ڪرامات عثمان غني(17) جنتي محل جو سودو(18) سگِ مدينه چوڻ ڪيئن؟(19) قبر جي پهرين رات(20) ساموندي گنبذ(21) آقا جو مهينو(22) قبر وارن جون 25 حڪايتون (23) عاشقِ اڪبر(24) خزاني جا انبار(25) مديني جي مڇي(26) لڙڪن جي برسات (27) نهر جون صدائون(28) ڀيانڪ اُٺ(29) غفلت(30) خاموش شهزادو(31) قومِ لوط جون تباھ ڪاريون(32) ابوجهل جو موت(33) نيڪ ٻڍڄڻ جو نسخو(34) وضوءِ سائنس(35) قيامت جو امتحان(36) قبر جو امتحان(37) جوشِ ايماني(38) مڙدي جا صدما(39) پراسرار خزانو(40) مڙدي جي بي وسي(41) احترامِ مسلم(42) ڪربلا جو خوني منظر(43) 101 مدني گل(44) پراسرار پينو(45) عفوءِ درگذر جي فضيلت(46) تلاوت جي فضيلت(47)

خوفناڪ جادوگر(48) ڪفن چورن جا انڪشاف(49) ڪارا وڇون(50) تذڪره صدرالشريعه(51) سيدي قطبِ مدينه(52) ذڪرِواري نعت(53) 163 مدني گل(54) نمازِ عيد جو طريقو(55) ڪپڙا پاڪ ڪرڻ جو طريقو مع نجاستن جو بيان(56) ابلق گهوڙي سوار(57) جنن جو بادشاهه(58) نانگ جهڙو جن(59) ڪائڻ جو اسلامي طريقو(60) وسوسا ۽ ان جو علاج(61) امام حسين جون ڪرامتون(62) تذڪره امام احمدرضا(63) بريلي کان مديني(64) صبحِ بهاران(64) ڪفن جي واپسي(66) 40 روحاني علاج مع طبي علاج (67) غسل جو طريقو(68) وزن گهٽ ڪرڻ جو طريقو(69) فيضانِ جمعه(70) استنجا جو طريقو(71) مسجدون خوشبودار رکو(72) مني جو لاش(73) پان گٽڪو(74) اخبارن جي باري ۾ سوال جواب(75) ڪراماتِ شيرخدا(76) 28 ڪفريا ڪلمات(77) نعت خوان ۽ نذرانو(78) قسم جي باري ۾ مدني گل(79) عقيقي جي باري ۾ سوال جواب(80) بجلي استعمال ڪرڻ جا مدني گل(81) شيطان جا ڪجهه هٿيار(82) ضياءِ درود ۽ سلام(83) فاتحه ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو (84) مدني وصيت نامو(85) حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل(86) نور وارو چهرو(نندو) (87) فيضانِ آذان(88) قضا نمازن جو طريقو(89) جنازي جي نماز جو طريقو(90) زخمي نانگ(91) فرعون جو خواب(نندو) (92) پٽ هجي ته اهڙو(نندو)(93) وضو جو طريقو(94) زنده ذيءَ کوهه ۾ اڇلائي ڇڏي.(95) مڇيءَ جا عجائبات(96) هتوهٽ پڻي کان صلح ڪري ورتي(97) ميٺي جا 50 مدني گل(98) ثواب وڌائڻ جا نسخا(99) جهرڪي ۽ انڌو نانگ(100) بسنت ميلو(101)

ڪباب سموسا(102) بيمار عابد(103) ڪوڙو چور(ننڍو) (104) ڏيڏر سوار وچون(105) ڪير پياڪ مدني منو(ننڍو) (106) گرمي کان حفاظت جا مدني گل(107) تذڪره مجددِ الف ثاني(108) مسواڪ شريف جا فضائل(109) بادشاهن جون هڏيون(110) سيلفي جا 30 عبرتناڪ واقعا(111) مسافر جي نماز(112) امام حسن جون 30 حڪايتون(113) ويران محل(114) پلصراط جي دهشت (115) دعوتن جي باري ۾ سوال ۽ جواب(116) هر صحابيءِ نبي جنتي جنتي(117) سنتون ۽ آداب(118) وسائلِ فردوس(119) فيضانِ اهلبيت (120) 25 حڪايتون درود ۽ سلام.( اپڊيٽ: 5 آگسٽ 2021)

## اميرِ اهلسنت جا 18 ڪتاب

(1)فيضانِ سنت(جلد اوّل) (2) غيبت جون تباھ ڪاريون(3) ڪفريا ڪلمات جي باري ۾ سوال ۽ جواب (4) پردي جي باري ۾ سوال ۽ جواب(5) مدني پنج سوره(6) اسلامي ڀينرن جي نماز(7) گهريلو علاج(8) رفيق الحرمين(9) رفيق المعتمرين(10) بياناتِ عطاريہ(حصو 2) (11) بياناتِ عطاريہ (حصو 3) (12) نماز جا احڪام(13) نيڪي جي دعوت(حصو اول) (14) عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون(15) چندي جي باري ۾ سوال جواب(16) وسائلِ بخشش(مرمم) (17) فيضانِ رمضان(مرمم) (18) فيضانِ نماز.(اپڊيٽ:15 آڪٽوبر 2019)

